1. خالد 'ساحل' ڪيريو
2. ڊاڪٽر ڦلو سندر ميگهواڙ

# پروفيسر قاضي نذير احمد جي علمي ۽ ادبي خدمتن جو تحقيقي جائزو

(A RESEARCH REVIEW OF THE ACADEMIIC AND LITERARY CONTRIBUTION OF PROF. QAZI NZIR AHMED)

***Abstract***

The scope of Professor Qazi Nazir Ahmed's educational and literary services has been remarkably vast. He not only fulfilled the significant role of teaching in academic institutions but also contributed to the intellectual and literary development of students through both curricular and extracurricular activities. His educational vision remained consistently dedicated to the promotion of the Sindhi language and the improvement of educational standards. On an organizational level, he was highly active as a member of Sindhi Adabi Sangat, various literary circles, publishing houses, and numerous educational institutions. He played a leading role in the establishment of many literary and educational organizations, thereby giving a new direction to Sindh's intellectual movement. In terms of essay writing, QaziNazir Ahmed's writings span literary criticism, social awareness, educational issues, and linguistics. His research-based and critical writings are considered a valuable contribution to Sindhi literary studies, reflecting his intellectual inquiry, academic background, and critical insight. In the realm of poetry, QaziNazir Ahmed's work is rich with thought, pain, national consciousness, love, nature, and truth. His poetic style stands at the confluence of tradition and innovation, where the choice of words, use of similes, metaphors, and depth of meaning leave a lasting impression. In the genre of short stories, his writings depict social issues, human behavior, class differences, women's concerns, and reflections of the everyday life of the common man. His stories portray a synthesis of art, thought, and reality, offering a vivid reflection of various aspects of Sindhi society.

**Keywords:**Sindhi, Sindhi Literature, Sindhi short Story, Sindhi Modern Poetry, Sindhi Stirte, Translation, Indus, Sindhi AdbuiSangat, SAGA, QaziNazir Ahmed, Khalid Shahil, Keerio, Phuloo Sunder, Meghwar.

**تعارف:**

ساهتي پرڳڻي جي تاريخي شهر موري جي مٽي، ماضي بعيد کان تاريخ ساز شخصيتن کي جنم ڏيندي رهي آهي. انهن مان قاضي خاندان جو قاضي عبدالواحد مورائي، قاضي عبدالرؤف مورائي، قاضي محمد صديق مورائي، قاضي محمد صادق مورائي،



ڪراچيءَ جو پهريون مسلمان ميئر قاضي خدا بخش مورائي، تاريخي اسلامي ناول جو بنياد رکڻ قاضي عبدالخالق "خليق" مورائي، قاضي محمد قاسم، قاضي محمد دائود ۽ پروفيسر نذير احمد قاضيءَ جهڙين ناميارين شخصيتن وقت بہ وقت جنم ورتو. هن پنهنجي قلم، فڪر، تدريس ۽ ادبي خدمتن ذريعي سنڌي ادب کي نوان رخ ڏنا. سندس ڪم رڳو ڪتابن تائين محدود نہ رهيو پر شاگردن جي فڪري تربيت، ادارتي ترقي، ادبي تنظيم ڪاري، شاعري، افسانا نويسي ۽ مضمون نگاري جي ميدان ۾ بہ نمايان رهيو.

> پروفيسر نذير احمد قاضي 9 فيبروري 1940ع تي موري شهر ۾ قاضي محمد قاسم جي گهر ۾ جنم ورتو. هن بنيادي تعليم موري شهر مان، مئٽرڪ (1956ع) ڊي سي هاءِ اسڪول نواب شاه، انٽر (1958ع) گورنمينٽ ڪاليج نواب شاه، بي اي (1960ع) گورنمينٽ ڪاليج نواب شاه ، ايم اي مسلم هسٽري (1963ع) سنڌ يونيورسٽي، ايم اي پوليٽيڪل سائنس(1967ع) ۽ ايم اي انگريزي (1969ع) ۾ سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪئي. سندن نوڪريءَ جي شروعات استاد جي حيثيت ۾ ڊي سي هاءِ اسڪول نواب شاه 1956ع ۾ ٿي. بعد ۾ 1961ع ـ 1962ع ۾ هاءِ اسڪول ٺارو شاه 1962ع ـ 1963ع ۾ مورو ۾ رهيا. ڪاليج پاسي سندن پهرين نوڪري ٽنڊي محمد خان 1963ع ۾ ليڪچرار جي حيثيت ۾ ٿي. ان کان پوءِ ٺٽو، هالا، نواب شاه، مورو ۽ آخر ۾ سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد مان 2000ع تي پرنسپال جي عهدي تان رٽائر ٿيا. (مورائي، 2024: 54ـ 55)

پروفيسر نذير احمد قاضيءَ جو بنيادي ڪردار هڪ استاد طور آهي. هن مختلف تعليمي ادارن ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون. سندس تدريسي انداز، علمي بصيرت، شاگردن سان انسيت، ۽ علم کي عام ڪرڻ جو جذبو متاثر ڪندڙ هو. شاگردن جي فڪر، ادب، ۽ تنقيد جي تربيت ۾ سندس ڪردار اهم رهيو. هن نصابي توڙي غير نصابي سرگرمين ذريعي تعليمي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ جدوجهد ڪئي. ڪيترائي شاگرد سندس شاگرديءَ مان نڪري پاڻ بہ ناليوارا ليکڪ، استاد ۽ دانشور بڻيا. سندس علمي ۽ ادبي خدمتن جو جائزو وٺندي چئي سگهجي ٿو تہ هو سنڌي ادب جي

انهن علمبردارن مان هڪ هو جن جون خدمتون نہ رڳو سندن دور تائين محدود آهن، پر ايندڙ نسلن لاءِ پڻ مشعلِ راه آهن. هن جي تدريس، تنظيم، تنقيد، شاعري ۽ مضمون نويسي سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

**تنظيمن ۽ ادارن جوڙڻ ۾ ڪردار:**

پروفيسر نذير احمد قاضيءَ 1956ع کان 1961ع وارو عرصو نواب شاهه ۾ گذاريو، جنهن دوران علمي، ادبي، ثقافتي سرگرمين ۾ خاص ڪري سنڌي ادبي سنگت جي ادبي گڏجاڻين ۾ ڀرپور حصو ورتائين. هن تعليم جي فروغ سان گڏ موري شهر ۾ علمي ۽ ادبي ادارن جوڙڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو.

> هن 1962ع ۾ بزم قاسم جي نالي سان هڪ ادارو قائم ڪيو جنهن پاران ڪيترائي ادبي ميڙاڪا ۽ مشاعرا ڪرايائين. ان کان پوءِ 1976ع ۾ موري ۾ باک پبليڪيشن جي نالي سان هڪ خالص ادبي اشاعت جو سلسلو شروع ڪيائين، جنهن جا ڪل ڇه پرچا شايع ٿيا، جن ۾ سنڌ جي مختلف شاعرن ۽ اديبن جا مضمون، ڪهاڻيون ۽ شعر شامل ڪري سنڌي ادب جي فروغ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيائين.(سيال، 86:2026)

هن سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن شاخ موري ۾ 1978ع کان 1984ع تائين جنرل سيڪريٽري جي حيثيت ۾ نہ فقط سماجي ڪم ۽ مختلف سرگرميون سرانجام ڏنيون پر تنظيم کي مضبوط ۽ مستحڪم ڪرڻ لاءِ پڻ مثالي ڪردار ادا ڪيو.

> پاڻ سچاهہ ڪلچر فورم پاران پڻ علمي ۽ ادبي پروگرام ڪرايا جن ۾ نصير مرزا جي ڪتاب خوشبوءِ جي سنگ سنگ، جي مهورت (1981ع)، قاضي فيض محمد سان شام (1982ع)، ڊاڪٽر محمد لائق زرداري جي ڪتاب سنڌ جي سياسي جدوجهد جي مهورتي تقريب (1982ع) ۽ ٻيا پروگرام ڪرايا. هن مهراڻ طبي ايسوسيئيشن جي ڪارڪن طور بہ ڪم ڪيو. ان کان علاوه ايجوڪيشنل سوسائٽي مورو، مهراڻ ايجوڪيشنل سوسائٽي مورو، سنڌي ادب سنگت شاخ مورو، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن شاخ مورو ۽ طبي ايسوسيئيشن مورو جي بنياد وجهندڙن مان هڪ آهي. (سومرو، 2018_2019:217)



اشاعتي لحاظ کان پاڻ باک پبليڪيشن قائم ڪري راشد مورائي جي ساٿ سان اداري پاران پيڙا جي پروڙ سڙي سارو ڏينهن، واٽون ۽ ويڇا، دربان، پويان پاڇا رات جا ۽ سج سپاٽي جا ڪري جهڙا پرچا ڇپايا. ان کان علاوه مهراڻ ڪاليج موري پاران خليق مخزن ۽ مهراڻ مخزن ايڊٽ ڪيا .

**بحيثيت ڪهاڻيڪار:**

سنڌي ادب ۾ جديد ڪهاڻيءَ جي واڌ ويجه ۽ فڪري وسعت ۾ نذير احمد جو نالو خاص مقام رکي ٿو. پاڻ نہ رڳو جديد فڪر جو اهم حوالو آهي، پر سماج جي مختلف مسئلن جو پڻ انتهائي حساس ۽ تخليقي اظهار ڪندڙ ليک آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ معاشرتي اونده، اندروني بيچيني، اخلاقي زوال، ۽ فرد جي ويڳاڻپ جو اهڙو نقش ملي ٿو جيڪو پڙهندڙ کي پنهنجي اندر ۾ لاهيندو ٿو وڃي. هو ڪهاڻيءَ وسيلي نہ رڳو سماج جي عڪس کي پيش ڪري ٿو پر ان جي خرابيءَ تي تنقيد بہ ڪري ٿو. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب ۾ آيل ماٺار جي انت ۾ موري مان هن بنيادي ڪردار ادا ڪيو. هن ڪجه عرصو نواب شاهہ جي علمي ۽ ادبي ماحول ۾ بہ گذاريو. ان دور ۾ هن نہ فقط شعري ادب لکيو پر نثري ادب ۾ مضمون، مهاڳ ۽ افسانہ بہ لکيا جن جو انگ ڪو تمام گهڻو ڪونهي، پر سندس هر ڪهاڻي هڪ بهترين ۽ شاهڪار ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻين لکڻ جو آغاز 1957ع کان هڪ روسي ڪهاڻيءَ جي ترجمي سان ڪيو. سندس پهرئين ڪهاڻي "پڪر" آهي، جيڪا 1964ع ۾ شايع ٿي. هي ڪهاڻي هڪ غريب ۽ ذهين ڇوڪري جي ڪهاڻي آهي، جيڪا سماجي بي رحميءَ جو اظهار ڪري ٿي. ڪهاڻي ۾ درد جي شدت، طبقاتي نظام، غربت، اميري ۽ غريبيءَ جي فرق کان علاوه هي هڪ حقيقت نگاري واري ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ خوبصورت ڪهاڻي پڻو ۽ لاجواب فنڪاراڻي ڪرافٽنگ آهي. ان دور ۾ سندس ڪهاڻي " ٻُڪي" کي گهڻي مڃتا ملي. هيءَ ڪهاڻي هڪ نوجوان ڇوڪريءَ جي ڪردار تي مشتمل آهي، جيڪا محبت جي مچ ۾ پاڻ سان گڏ محبوب کي بہ جلائي ٿي. ڪهاڻي پنهنجي عنوان جي نباهہ کان وٺي ڪردارن، پلاٽ ٻوليءَ ۽ احساساتي اڇل تائين شاهڪار آهي. جيئن جيئن ڪهاڻي اڳتي وڌي ٿي، تہ پڙهندڙ تي اثر انگيز ڪيفيت جو غلبو طاري ٿيندو ٿو وڃي. ڪهاڻي "واليون"سندس هڪ شاهڪار ڪهاڻي آهي، جيڪا طبقاتي سماج ۾ موجود معاشي بدحالي، پير پرستيءَ ڏانهن طنزيہ اشارو ۽ غربت جي

انتها جو هڪ ڳرو دستاويز آهي. ڪهاڻي پلاٽ، ٻولي، تاثر، احساس، درد، مقصد ۽ پڄاڻيءَ مطلب تہ هر لحاظ کان شاهڪار آهي. هو هڪ هنڌ چوي ٿو تہ:

> سندس شاديءَ کي ٽيهن کان وڌيڪ ورهيہ گذري ويا هئا. ليڪن ڪيس ڪوبہ اولاد نہ ٿيو. هن ڪافي علاج ڪرايا، سڪائون باسيون، پير ۽ ولي پيتيا، ليڪن ڪيس اولاد نہ ٿيڻو هو سو نہ ٿيو. (سومرو، 2018_2019:218)

ڪهاڻي "روحي" پيار محبت ڪندڙ ٻن دلين جي ڪهاڻي آهي، جنهن جو انجام جدائي ۽ بيرخي آهي. ڪهاڻي فني ۽ فڪري لحاظ کان پلاٽ، مڪالما، ڪردار نگاريءَ سان گڏ ٻوليءَ ۾ بہ سوادي ۽ عام فهم آهي. سندس ٻين ڪهاڻين ۾ "آخر هي داغ ڪيئن ڌوئبا"، "پيار جي زبان"، "عزت پوش"، "ٻڙ جي ڇانو"، "ٻليدان"، "خدابخش ۽ خدا"، "تاساري"، "ڏيہ نہ ڇرسون"، "جهنگ ۽ ننگ آهي"، "پوڙ ڍائو"، "سرچاءِ"، "مجرم مورتي" ۽ "رتني" اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جن ۾ ڪهاڻيڪار منظرنگاريءَ جا بهترين نمونا، ڪردارنگاريءَ جا فطري رنگ، ڏک، پيڙا ۽ درد جا احساس پنهنجي مخصوص فن، فڪر ۽ اسلوب ذريعي عام سماجي ڪردارن سان انصاف ڪندي نظر اچي ٿو. سندس ڪهاڻين جا سمورا ڪردار پنهنجي زمين ۽ پنهنجي ماحول جا آهن. قاضي نذير احمد جي ڪهاڻين بابت ناميارو محقق پروفيسر شمشاد احمد سومرو لکي ٿو تہ:

> نذير قاضيءَ پنهنجي لکيل ڪهاڻين ۾ ڪردارن جي امنگن، احساسن ۽ محرومين کي ڀرپور انداز سان پيش ڪيو آهي. سادي سٻاجهي ٻولي، نهايت ٿورا لفظ ۽ مقصد جي مڪمل پهچ سندس ڪهاڻين جي خوبي آهي. (سومرو، 2018_2019:219)

قاضي نذير احمد جي ٻين ڪهاڻين مان "مجرم مورتي" غربت ۽ بک جي موضوع تي هڪ چرڪائيندڙ غريب خاندان جي ڪهاڻي آهي. ڪهاڻيءَ جي جان ان جو مضبوط پلاٽ ۽ موضوع آهي. ڪردارنگاريءَ جي حوالي سان سندس هيءَ هڪ اهم ڪهاڻي آهي. نذير قاضيءَ ڪيترن ئي سنگين واقعن کي ڪهاڻين ۾ ظاهر ڪيو آهي ۽ سماج جي نهايت پوئتي پيل سوچ ۽ گندي فعل ڏانهن آڱر پڻ کنئي آهي. هن زندگيءَ جي تلخ حقيقتن تان پردو هٽائي سماج جي اوڻائين، پراڻين رسمن ۽ جاگيرداري نظام خلاف احتجاج ڪيو آهي. سندس ڪردار هن سماج جا سادا سودا



انسان آهن. سٺ واري ڏهاڪي ۾ سندس شاعري ۽ ڪهاڻيون اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل نظر اچن ٿيون. سندس ڪجھ ڪهاڻيون علمي ادبي ۽ تحقيقي رسالي ' تخيل' ۾ وڏي عرصي جي مانار کان پوءِ مختلف شمارن ۾ لاڳيتو ڇپيون آهن. انهن مان هڪ ڪهاڻي "رتني" جولاءِ - ڊسمبر 2021ع واري شماري ۾ ڇپي. هي ڪهاڻي هڪ پورهيت ڪولهياڻي جي چؤگرد گهمي ٿي. ڪهاڻي ۾ شامون، رتني، نيڪيدار، راڌان، گومي ڪردار آهن. رتني پنهنجي مڙس شامون سان گڏ نيڪيدار وٽ ليبر ۾ ٽن ڇئن سالن کان ڪم ڪن ٿا. شامون نشو ڪري ٿو. رتني ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي سيبتي ۽ محنتي آهي. نيڪيدار کي سندس ڳالهيون وڻن ٿيون. پر نيڪيدار جي اکين ۾ رتني لاءِ ڪوبہ مير نہ آهي. ڪجھ وقت کان پوءِ رتني راڌان کي بہ ڪم تي وٺي اچي ٿي. راڌي ڏاڍي تاک (طاق) عورت، ڇڙيو ڳالهائيندڙ مردن وانگر وڏي واڪي نہ لڄ نہ لحاظ. ٻئي ڏينهن پنهنجي جوان جماڻ ڌيءَ گومي کي وٺي ڪم تي اچي ٿي. سندس ڌيءَ گومي ڇانو خاطر ڇاپري ۾ اچي ويهي ٿي. نيڪيدار سندس منهن مهانڊي کي غور سان جانچي ٿو. ۽ راڌان کي چوي ٿو تہ گومي نہ توسان ٿي ملي نہ تنهنجي مڙس ڏني سان. ڇا ماجرا آهي؟ ان تي راڌي پڙڪو ڪائي ٽڙو شوڪارو پريندي چوي ٿي:

> مڙئي مهربانيون آهن، اوهان جهڙن جون سائين! ڇوريو اٿئي، تہ ٻڌ پنهنجن جا ڪرتوت! سورهن سترهن سال اڳ مان ڦلاٽن پٽن تي پورهيو ڪندي هيس. اتي تر جي شاهوڪار جو پٽ اچي منهنجي پويان لڳو ۽ راڌيءَ کي اهڙيون پٽيون پڙهيائين جو اڄ ڏينهن تائين وتان پڪيون ڪندي وڏا واعدا ڪيائين. پيار جو ڀرپور مظاهرو ڪيائين تہ مان سڄي وڃي سندس جهوليءَ ۾ پيس. مان اڳ اهڙي راڌان ڪانه هيس، جيڪا اڄ ڏسي رهيا آهيو. ان ڏينهن کان پوءِ منهنجو ڦرڪو ڦري ويو ۽ هن جي ظالم بيوفائيءَ تي بر ٿي آهيان! پر هو ڪير هئو؟ سائين ڇڏ ان ڳاله کي! ڪيترا واء وري ويا آهن! پر، ٻڌي ڇڏيو: هيءَ تخم توهان جهڙن شريفن جو ئي آهي. گومي ٻن ڇئن مهينن ۾ وڃي ڪاروءِ جي ٿيندي، توهان کان تہ پنهنجو تخم بہ سنڀاليو نٿو ٿئي. ٻج ڇٽي ڇڏيو پوءِ پيل ڪير ٿو ڪري! ان سان اوهان جو ڇا؟ صفا.... غيرت آهن اهي.

راڏي ڪاوڙ ڪروڌ ۾ هيانو جي ہر ڪان الائي ڇا مان ڇا چوندي، گوميءَ
کي ساڻ ڪري، ڇاپري مان هلي وئي. (قاضي، 2021: 149)

سندس ڪهاڻي "امان ۾ منهنجا خواب" اپريل – سيپٽمبر 2022ع جي شماري ۾ ڇپي. هي ڪهاڻي هڪ نوجوان جي خوابن ۽ انهن جي پورائي متعلق آهي. هڪ ٻي ڪهاڻي "ضمير جو غسل" آڪٽوبر – ڊسمبر 2024ع ۾ ڇپي جيڪا روحانيت سان گڏ انسان جي اندر اجارڻ، من مان مير ڪيڻ، ماڻهپي ۾ انسانيت جي خدمت ڪرڻ تي زور ڏئي ٿي. ڪهاڻيءَ جو ٽڪرو آهي ته:

ڪجه وقت پڇاڻان، مون کان پڇيائون: "هي هتي ڇو گڏ ٿيا آهن؟ ۽ ڇاپيا ڪن؟" مون باادب ۽ عاجزيءَ سان چيو: قبلا هي اوهان جي مزار مبارڪ کي غسل ڏيڻ لاءِ آيا آهن!!! پاڻ فرماياؤن، وڃ! انهن کي وڃي چئو ته پنهنجي پنهنجي ضمير کي وڃي غسل ڏين! ڏک دماغ کي ڌوئي صاف ڪن! ڪيڏي نه غلاظت چڙهي وئي اٿن. (قاضي، 2024: 171)

هڪ ٻي ڪهاڻي "سڪٽو سقراط" جنوري – مارچ 2025ع ۾ ڇپي. نذير احمد قاضيءَ جو اسلوب علامتي، تهذيبي ۽ فڪري آهي.هو سنڌي سماج جي ڏکين مسئلن کي نروار ڪرڻ وارو حساس ليکڪ آهي. سندس افسانن ۾ معاشري جي اونداهي پاسن، طبقن جي ويڇائن، ۽ انساني محرومين جو حقيقي اظهار ملي ٿو. سندس ڪهاڻين ۾ غربت، اميري، ناانصافي، صوفي فڪر، عورت جي آزادي، بنياد پرستي، جبر، ۽ معاشرتي ٻي حسي خلاف بغاوت آهي. هو فرد کي شعور ڏياري ٿو ته هو پاڻ کي سڃاڻي، ۽ پنهنجن حقن لاءِ آواز بلند ڪري. سندس ڪردار اڪثر هيٺين طبقي جا آهن، جيڪي گهڻو ڪري اندروني اڪيلائيءَ جو شڪار آهن. ڪجه ڪهاڻين ۾ مذهب جي نهيل تصورن، ذات پات، ۽ جعلي اخلاقي قدرن کي رد ڪري ٿو. سندس ڪهاڻين ۾ انسانيت کي اوليت حاصل آهي. سندس ڪهاڻين جو مجموعو ڇپائي هيٺ آهي.

**بحيثيت مضمون نويس:**

پروفيسر قاضي نذير احمد مضمون نويسي ۾ ڪيترن ئي سياسي، سماجي مسئلن، بين الاقوامي تعلقاتن، علمي ادبي شخصيتن ۽ ٻين مختلف موضوعن تي معلوماتي مضمون به لکيا آهن، جيڪي سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا آهن. پاڻ



1962,63ع ۾ روزانه عبرت حيدرآباد جي ڪالم نگاريءَ واري مستقل عنوان "نظري خوش گذري" هيٺ ن. ق پاهوڙو جي تخلص سان مزاح نگاري ڪيائين. سندس مزاح نگاري بامقصد آهي. سندس مزاحيه طنز جو انداز بنه نرالو آهي، جنهن ۾ اصلاحي طنز جو ڀرپور تاثر ملي ٿو.

رسي مون سان ويو دلبر، خبر ناهي ته ڇا ٿيندو؟
وتان رلندو پيو در در، خبر ناهي ته ڇا ٿيندو؟
وڃان ٿو يار سان گڏجڻ چڙهي سائيڪل سڳوريءَ تي،
ٽيو جو واٽ تي پنچر، خبر ناهي ته ڇا ٿيندو؟
رقيبن يار تي جادو بنگالي نج هلايو ۾،
شروع مون ڪيو سنڌي منتر، خبر ناهي ته ڇا ٿيندو؟
نهاريندي حسينن ڏي ٽڙي پيون ٻئي واڇون،
لڳو جو اوچتو پادر، خبر ناهي ته ڇا ٿيندو؟
اڏاري نيڪٽاءِ، رومال پائي پينٽ "پاهوڙو" ،
سڏائي پاڻ کي مسٽر، خبر ناهي ته ڇا ٿيندو
(قاضي، 2024: 114)

نذير احمد قاضي مختلف موضوعن تي ڇپيل ڪتابن تي تبصرا، بئڪ ٽائيٽل، مهاڳ ۽ رايا پڻ لکيا آهن. هن جي مضمونن ۾ انفرادي سوچ، فڪر، ڪلام ۽ گفتگوءَ جو منفرد انداز ذاتي مشاهدي، تجربي ۽ مطالعي جو گهڻو دخل آهي. ڪيس انگريزي، اردو ۽ سنڌي زبانن کان علاوه ٻين مختلف زبانن جي به سني ڄاڻ هئي. هو هڪ سٺو ترجمي نگار به هو. هن پنهنجي علمي ۽ ادبي عروج واري زماني ۾ انگريزي توڙي اردو زبانن مان سنڌي زبان ۾ ڪهاڻيون، مضمون، نصابي ڪتاب نه صرف ترجمو ڪيا پر مختلف ادارن جهڙوڪ آغا خان، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ وغيره سان تعليمي معاملن، نصابي سرگرمين ۾ ٻين مختلف وقتن تي سهڪاري ڪردار به ادا ڪيو.

**بحيثيت شاعر:**

پروفيسر نذير احمد قاضي نثر سان گڏ شاعري ۾ به خوب نڀايو. هن آمريت جي ڪاري دور جي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ خلاف قلم کنيو. جنهن جو چٽو عڪس سندس شاعريءَ

مان جابجا پسي سگهجي ٿو. هن پنهنجي دور ۾ مختلف سياسي، سماجي ۽ ثقافتي تحريڪن جهڙوڪ ون يونٽ تحريڪ، ووٽر لسٽن جي تحريڪ، شاگرد تحريڪ ، سنڌي ٻوليءَ جي تحريڪ، جمهوريت جي بحالي جي تحريڪ، ايم آر ڊي تحريڪ ۽ مارشل لا جهڙين سنڌ جي ڏکين حالتن جي پيداوار آهي. نذير احمد قاضيءَ جي شاعري ان وقت جي مختلف رسالن، اخبارن ۽ مخزنن جي زينت بڻجندي رهي. بعد ۾ اهو سلسلو جاري رهي نہ سگهيو. سندس وفات کان پوءِ شاعريءَ جو ڪتاب "هي سرمستي الستي آ" سال 2024ع ۾ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ پاران سندس فرزند ڊاڪٽر احمر قاضي ڇپايو. ڪتاب جا پيش لفظ/ مهاڳ ڊاڪٽر سحر گل لکيو آهي. سندن سوانح حيات، خانداني پسمنظر، تعليمي ۽ تدريسي خدمتن، سماجي ۽ ادبي خدمتون قاضي منير احمد خوبصورت نموني سان لکيون آهن. جڏهن تہ بيڪ ٽائيٽل خالد حيات لکيو آهي. هن ڪتاب ۾ غزل، نظم، گيت، ٽيڙو/هائيڪو چوسٽا، بيت، وائيون، حمد، نعت ۽ ٻيون شعري صنفون شامل آهن. قاضي نذير احمد جي مٿين شعري صنفن ۾ موضوعاتي گوناگونيت، سادگيءَ ۾ حسن، قومي، عوامي سجاڳي، سماجي بيداري جو فڪر، رومانوي ۽ جمالياتي رنگ، سنڌ سان والهانہ محبت، قومي ۽ انساني فڪر جي پرچار، مزاحمتي ۽ انقلابي تصورن جو حسين امتزاج نظر اچي ٿو. ون يونٽ کان ايم آر ڊي جي دور تائين سياسي طور سنڌ جا اديب ۽ شاعر تمام گهڻا متحرڪ هئا. قاضي نذير احمد بہ پنهنجي لکڻين ۽ شاعريءَ جي ذريعي سنڌي سماج جي ٻرندڙ مسئلن کي بيدار ڪندو رهيو. هن ڪڏهن بک بدحالي جي مزمت ڪئي، ڪڏهن سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ جي ڳاله ڪئي، ڪڏهن ماڻهن جي ذهني جمود ۽ بي حسي جي شڪايت ڪئي. قاضي صاحب کي سماج کي جاڳائڻ جو جذبو هو. هو گهرو سوچيندڙ ۽ محسوس ڪندڙ شاعر هو. کيس ٻوليءَ تي بهترين دسترس حاصل هئي. هن پنهنجي مشاهدن، تجربن، احساسن، خيالن ۽ پيڙائن کي بيان جي ساخت، اونهي سوچ سان اظهاريو آهي .

بند ٿئي کيل، سنڌ ستائڻ جو
ڇا ارادو آ، حد پڄائڻ جو؟
آمرن سلسلو رکيو جاري،
حق جي آواز کي دٻائڻ جو!



اهڙو منصوبو پڻ نظر ٿو اچي،
سنڌ کي اقليت بنائڻ جو.
دير هاڻي نہ ڪو نذير ڪري،
وقت آيو آ، سنڌ بچائڻ جو.
(قاضي، 2024: 114)

قاضي صاحب عام ماڻهن جي احساسن ۽ جذبن جي بهترين عڪاسي ڪئي آهي. هن جا غزل هڪ طرف نفيس جذبن ۽ دلي ڪيفيتن جو پرڪشش اظهار آهن، تہ ٻئي طرف ظلم، جبر، آمريت ۽ ناانصافيءَ خلاف ڀرپور آواز آهن. هن معاشي، سياسي ۽ سماجي مسئلن تي بہ لکيو آهي. ان ۾ سندس مشاهدي ۽ تجربي جو بہ عمل دخل آهي. سندس شعري زبان رومانوي ۽ شائستہ زبان آهي. سندس فڪر حرڪت پزير ۽ حقائق تي مبني آهي. هن وٽ ڌرتيءَ ۽ ان جي ماڻهن جي مسئلن، ديس جي آزاديءَ جا ڏس آهن .
ٻئي هنڌ هن طرح آهي تہ:

تون ظلم جي علامت، مظلوم جي مان عظمت!
تون ڪن ۾ ٿي فنا وئين، مون امرتا ماڻي آهي!!
هڪڙو "نذير" ناهي، تاريخ ٿي ٻڌائي،
ظلم و ستم جي ٽيٽي، آخر پڄاڻي آهي!
(قاضي، 2024: 116)

ڪن جڳن کان پيڙٻا، جانداه ۾ جيڪي اچن،
ايڏي شڪتي ڏي ڏٽي، تن جو سهارو ٿي پوان!
پورهيو پٿرن ڪٽڻ جو، سج سوا نيزي مٿان،
ڌرتيءَ جو تن مٿان، ڪا ڇانوَ پاڇو ٿي پوان!
دودو، دريا خان، هوشو، شاه عنايت يا رزاق،
واءِ! قسمت!! جي انهن مان، ڪونہ مان ڪو ٿي پوان!
آهي ڪو؟ ورنائي جيڪو سڏ سنڌ جي سور جا،
دل چوي ٿي، ڏانهن ان جو مان پڙاڏو ٿي پوان!
ماڪ، مکڙي، چنڊ تارا، سمنڊ لهرون سنڌ جون،
ڪاش! تنهنجي چاهتن جو ڪو حوالو ٿي پوان!
واءُ خوشين جو وري، سانگي ٿين سرها "نذير"،

ماٺي مڪتي منهنجي ڌرتي، هو جمالو ٿي پوان!

(قاضي، 2024: 118)

ست - رڇي طعام، ڪٽ ڳپي ڳولها،
آسمان! ڇؤ زيادتيون ڪونهن!!
ماءُ جون، ڀيڻ جون، ننگن جون هتي،
ڇو مؤثر حفاظتون ڪونهن؟
قبضو آهي سڀن وسيلن تي،
ڇا، هي سنڌ سان عداوتون ڪونهن؟

(قاضي، 2024: 121)

قاضي صاحب جي غزلن جو موضوعاتي دائرو وسيع آهي. جنهن ۾ سياسي، سماجي جبر خلاف آواز بلند ڪيل آهي. جاگيرداري نظام سبب معاشري ۾ بک، بيروزگاري ۽ بدحالي جون عڪسبنديون هن طرح آهن.

بکيو لوڪ گهري ٿو ماني،
موت ملي ٿي، ٻڙڇيون ڀالا!
ڀيءُ پنهنجي بيمار ٻچي لئہ،
وڪڻي آيو زال جا والا!
پاڻ هجون نہ هجون، پر آخر،
ايندا نيٺ ضرور اجالا.

(قاضي، 2024: 127)

قطرو قطرو لهوءَ جو ويڙهه ڪندو،
خون هي رائيگان، متان سمجهين!
جهيڙو آمر جمهور وچ ۾ آ،
ڪو ٻيو درميان، متان سمجهين!
انقلابي جنون سگهه ٿو رکي،
نار هيءَ ناتوان، متان سمجهين!

(قاضي، 2024: 194)

قاضي نذير احمد جي هن مجموعي ۾ فن ۽ فڪر جي گهرائي جهڙين خوبين سان گڏ ٻوليءَ جو سواد ۽ رس چس، لهجو، انداز بيان، پيشڪش ۽ اسلوب جي انفراديت



جهڙيون خوبيون بہ آهن. فني لحاظ کان سندس شاعريءَ ۾ قافيي، رديف جي پختگي تشبيهين، ترڪيبن، علامتن، محاورن، چوڻين ۽ مرڪب لفظن جو استعمال فنڪاراڻي نموني پيش ڪيل آهي. هن جي شاعريءَ ۾ معاشرتي منظر ڪشي ۽ فطري منظر ڪشي جا عڪس بہ مصورانہ نموني پينٽ ڪيل نظر اچن ٿا. جن کي پڙهڻ يا ٻڌڻ سان اهي تصور سامهون چِٽا ٿي اچن ٿا.

قاضي نذير احمد جي شاعريءَ ۾ رومانوي ۽ جمالياتي عنصر بہ نمايان آهي.

چاهه چمندو رهي هميشہ ٿو
زلف رخسار کي هوا ٿي ڪري.
دامن نور پنهنجو ڦهلائي،
چانڊوڪي چنڊ کي خفا ٿي ڪري.
جام، مينا، شراب شوق "نذير"،
پاڻ پياري پيو پارسا ٿي ڪري.

(قاضي، 2024: 97)

قاضي نذير احمد جي ڪلام ۾ جتي سڄي سنڌ جي چپي چپي سان محبت جو اظهار آهي اتي هو پنهنجي جنم ڀومي شهر موري ۽ نواب شاهه جهڙن محبوب شهرن کي بہ وساري نہ سگهيو آهي. نہ ئي پنهنجي همعصر ليکاري دوستن کي وساري سگهيو آهي. اهڙي اظهار جي جهلڪ سندس هن شعرن مان ملي ٿي تہ:

سنڌڙي ساري ڏاڍي پياري،
موري جي پر ڳاله نياري.
پير تہ اڳتي وڌندو رهندو،
توڙي طوفان آهي ڀاري.
لاهي ڇڏ سڀ من منجهارا،
چاڻ ڪتي هيءَ رات انڌاري.
روشن دنيا ڪارڻ پنهنجي،
دلڙي "نذير" مون آهي ٻاري.

يا

جڏهن اپ تي رنگ انبلٽ سجايا،
انهيءَ دم ئي مورو شهر ياد آيو.
نواب شاهه کي ساري، نذير يار توکي،
"قمر"، "گل"، "سانوڻ"، ۽ "نظر" ياد آيو.

(قاضي، 2024: 80، 83)

روح سنڌيت جو شل رهي قائم،
سنڌيو! سنڌ سنوار ٻي ڪانهي.
تو مٿائي ڇڏيو مزاج اڳيون،
توتي مورا! ميار ٻي ڪانهي.

(قاضي، 2024: 152)

دل جي ڦرهيءَ تان پراڻي ياد جيئن،
مان مٽايل شخص آهيان دوستو!
وئي وهي گذري مگر موري اندر،
اڄ سڃاتل شخص آهيان دوستو!

(قاضي، 2024: 154)

چنڊ تارا، سج بہ ساڳيو ڪنوڻ، انبلٽ پڻ اها،
ڪابہ شيءِ بدلي نہ آهي، موري وارن وانگيان.

قاضي نذير احمد جي شاعراڻي سگهہ، فن ۽ فڪر دراصل سندس شاعري عام فهم لفظن، سلاست ۽ سادگيءَ ۾ آهي جو پڙهندڙ توڙي ٻڌندڙ کي موهي وجهي ٿي. سندس ڪلام ۾ سندس زندگيءَ جي تلخ تجربن جو بہ ذڪر آهي. اهڙي ڳالهه پاڻ هنن سٽن ۾ خوبصورت نموني هن طرح بيان ڪري ٿو.

سور سيني ۾ سيئي سمائي ڇڏيم،
جيڪي خوشيون مليون سي ورهائي ڇڏيم!
يار قاضي زماني وڏا ڏک ڏنا،
ڪجه لڪائي ڇڏيم، ڪجه لنوائي ڇڏيم!
ساگرن کان ڪسي پاڻي آيس "نذير"،
پاڻ پياسو رهي ٽر وسائي ڇڏيم!



(قاضي، 2024: 85)

يا

گهاو پنهنجن بہ گهٽ ڏنا ناهن،
ڏار، ڏارين بہ ڏک ڪئي آهي.
آگميو اپ، تنوار تاڙي ڪئي،
اڄ "نذير" موري چڪ ڪئي آهي.

(قاضي، 2024: 104)

قاضي نذير احمد جي شاعريءَ جي مطالعي دوران جيڪا شيءِ وڌيڪ متاثر ڪندڙ آهي، اها آهي اميد پرستي. سندس ڪلام ۾ ناڪاميءَ جي انڌيري کي مات ڏيندڙ صبح جي ڇٽي سوجهري جيان آهي. هو سماج کي تبديليءَ جا گس ڏسي ٿو. غفلت کي ڇڏي بيداريءَ، سڃاڳيءَ جي نصيحت ڪري ٿو. هن سيني جي دلين جي ڳالهه کي غزل جهڙي نفيس صنف ۾ نہ صرف بيان ڪيو آهي، پر هر طبقي جي اصلاح بہ ڪئي آهي. هن هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي تہ سٽل سماج کي جاڳائي سگهجي. قاضي صاحب جي غزلن جي مختلف پهلوئن ۾ عشقيہ موضوع، سياسي، سماجي حالات، احساس جي شدت، ڪلاسيڪيت، علامتون، اشارا، طنز، امڪان ۽ سماجيات جا پهلو خاص اهيمت رکن ٿا. قاضي صاحب جي انساني محبت، نئين سماج ۽ نئين ماحول جي اڏاوت ۽ تبديليءَ جو جذبو جابجا نظر اچي ٿو.

ٿيج پنهنجي امڙ جي ملهائي وڃو
ٻولي، لوليءَ مٺيءَ جي بچائي وڃو.
پنهنجي غفلت ڪري، جيڪي ڪاهي ويا،
وهٽ سيئي سيپيئي ورائي وڃو.
سستي ڪانئرپڻي کي تياڳي ڇڏيو،
همتن، جرئتن کي ورهائي وڃو.
علم سان، عقل سان، هوش سان اي نذير،
جان جڪڙيل کي جيئن تيئن ڇڏائي وڃو.

(قاضي، 2024: 112)

قاضي صاحب پنهنجي جذبن ۽ خوبصورت احساسن جو اظهار عام ماڻهن جي ڏکن سورن جي ڳاله کي شاعراڻي انداز سان بيان ڪري ٿو. هو امن پسند، اصول پرست، سماج سڌارڪ شاعر هو. هو چاهيندو هو ته سماج ۾ امن قائم رهي. ماڻهو پاڻ ۾ محبت سان رهن. سٺا ڪم ڪن. برائي کان نفرت ڪن. غلط ريتن، رسمن، ڪوڙ، ڪٽرپڻي کان پاسو ڪن. هو عام ماڻهن جي زندگين ۾ محبت، خوشحالي ڏسڻ جو خواهشمند هو. هو انسان جي مختلف ڪيفيتن ڏک، درد، غربت، مفلسي، لاچاري ۽ سماجي زندگيءَ جا عڪس هن طرح چٽي ٿو.

واليون وڪڻي علاج پيءُ ڪيو،
تڏهن نياڻيءَ جو ڪن ہٽو هوندو.
آسمان لڙڪ خون جا هاري،
ڪو وري ڪربلا ڪنو هوندو.
اج وري رات گهر نه آيو "نذير"،
پاڻ ئي پاڻ سان رٺو هوندو.

يا

وري ڏاڍ جو ڏر، وري زور آمر،
وري دار ڪونڌر چڙهيا ڇا ڪجي!
وري ڦٽڪي ڦاهي، مئي بي گناهي،
نه منصف هئا بي ريا ڇا ڪجي!
"نذير" يار پرخوف ماحول ڏاڍو،
لڪي لوڪ پائي ليا ڇا ڪجي!
(قاضي، 2024: 89، 90)

روئي روئي پاڙي جا سڀ ٻارڙا ٻکيا سٽا،
قسمين قسمين طعام وارين دعوتن روئي ڏنو؟
قرض ۾ ڪاٽي ٻٽئي سڀ ڪٽي پوتار ويو،
سڪل منهن، ڏٻرين اکين، سڪٽن هٿن روئي ڏنو!
(قاضي، 2024: 134)



محبتي مهراڻ ڪي ڳولي لڌم،
سونهن ۽ سرهاڻ ڪي ڳولي لڌم،
دم اندر دلدار جو ديدار ٿيو
يار "قاضي" پاڻ کي ڳولي لڌم.
(قاضي، 2024: 281)

قاضي صاحب جي ڪلام ۾ سرمد، مخدوم بلاول، منصور حلاج، شاه عنايت شهيد، شاه لطيف، سچل سرمست، دودي، دوله دريا خان جهڙن امله ڪردارن سان گڏ لوڪ داستانن جن ۾ مومل راڻو سسئي پنهون، نوري ڄام تماچي، سهڻي ميهار، سورٺ راءِ ڏياچ وغيره کي وقت جي نزاڪت سان تمثيل، تشبيه، علامت، استعارن طور استعمال هيٺ آڻي سماجي تبديلي ۽ ناصحانه فڪر ڏنو آهي.قاضي نذير احمد جي شاعريءَ تي ڪتاب جي 'پيش لفظ' ۾ سحر گل جي راءِ آهي ته:

> قاضي نذير احمد جي شاعريءَ ۾ اعلي انساني فڪر، صوفياڻن تصورن جا ڇال، اخلاقي قدر، نيستي ۽ خودفنائيت جا تصور، صوفياڻي سرمستي، جهانگين جي غربت، سنڌ ڌرتي ۽ سنڌين جي وطنيت، جنهن ۾ عام انسان جي سدورائپ ۽ سہاجهڙائي جهڙي داخلي سونهن جو ذڪر آهي. سنڌو درياءَ ۽ ان جي ڪنارن سان محبت جي ڪهاڻي بيان ڪيل آهي. سندس شاعري ان ڪري ئي منفرد آهي جو منجهس هڪ ئي وقت عام توڙي لازوال تصور بيان ٿيل آهن. اها هڪ ئي وقت عوامي ۽ فڪري آهي. پورهيت دوست آهي. حق جي راه تي باطل خلاف هڪ سدا آهي. (گل، 2024: 52)

قاضي نذير احمد سنڌ جي ماڻهن جي آزادي انصاف، ترقي، خوشحالي ۽ روشن مستقبل لاءِ جدوجهد ڪئي. هو سنڌ خاص طور موري جو هڪ اهڙو غير معمولي ترقي پسند اديب ۽ شاعر هو جنهن پنهنجي شهر جي نوجوان نسل کي علم، ادب، فلسفي، ڏاهپ، سماجي ڪمن، ادارن جوڙڻ ۽ جديد تعليم جو انقلابي شعور ڏنو. سماجي تبديليءَ جو ولولو پيدا ڪيو.مجموعي طرح قاضي نذير احمد هڪ ئي وقت مضمون نگاري، مزاح نگاري، مهاڳ نويسي ۽ شاعريءَ ۾ پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪري سنڌي نثري توڙي شعري ادب جي زرخيزي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. سندس علمي، ادبي ۽ ادارتي خدمتون هميشه زنده جاويد رهنديون. سندس خواب جي هڪ ڏينهن ضرور ساپيان ٿيڻي آهي.

## حوالا:


سومرو، شمشاد احمد، پروفيسر. (2018ع 2019).سه ماهي مهراڻ 3_4، ڄامشورو، سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ

سيال، رحيمان. (2006). مورو ۽ خيرپور جو ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب جي فروغ ۾ حصو (تقابلي مطالعو). حيدرآباد، سنڌ: سنڌي ساهت گھر

قاضي، نذير احمد. (1973).ڪريو ڪوٽ ڦهر جو مورو، سنڌ: اداره آئينه ادب

قاضي، نذير احمد، (جولاءِ_ ڊسمبر 2021)، ٽماهي 'تخيل'، حيدرآباد، سنڌ: مارئي اڪيڊمي

قاضي، نذير احمد، (آڪٽوبر_ ڊسمبر 2024) ٽماهي 'تخيل'، حيدرآباد، سنڌ: مارئي اڪيڊمي

قاضي، نذير احمد، (2024)، هي سرمستي الستي آ، ڪراچي، سنڌ: سنڌيڪا اڪيڊمي

گل، سحر، (2024)، هي سرمستي الستي آ، ڪراچي، سنڌ: سنڌيڪا اڪيڊمي

مورائي، منير احمد قاضي، (2024)، هي سرمستي الستي آ، ڪراچي، سنڌ: سنڌيڪا اڪيڊمي